# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1973
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1973
# اولھہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973
## فهرست (CONTENTS)


تمھيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولھہ پاڪستان ايڪٽ XX ۾ دفعہ 9_A جو اضافو

Addition of section 9_A of West Pakistan Act XX of 1958

3. گھٽ ۾ گھٽ سزا

Minimum Punishment

4. 1958 جي اولھہ پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعہ 10 جي تبديلي

Substitution of section 10 of West Pakistan Act XX of 1958

5. ڏوهن جي ٻڌڻيءَ جو اختيار ۽ ڪارروائي جو طريقو

Cognizance of offences and mode of trial

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1973
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1973
# اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[17 مئي 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973

Short title and commencement

سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XX ۾ دفعہ 9_A جو اضافو

Addition of section 9_A of West Pakistan Act XX of 1958

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان ڪاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 9 ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

گهٽ ۾ گهٽ سزا

Minimum Punishment

“9_A. جيستائين ڪجهہ دفعات 6 ۽ 9 جي متضاد نہ هجي، ريشن ڊاڪومينٽ سان لاڳاپيل ڏوهن تي قيد جي سزا هڪ مهيني کان گهٽ نہ هوندي.”

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعہ 10 جي تبديلي

Substitution of section 10 of West Pakistan Act XX of 1958

3.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 10 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

ڏوهن جو ازالو ۽ ڪارروائي جو طريقو

Cognizance of offences and

“10. (1) ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهن جي ٻڌٽي ازالو نہ ڪندي جيستائين ڪنهن سرڪاري ملازم طرفان اهڙي ڏوهہ جي حقيقتن تي مشتمل لکت ۾ رپورٽ نہ ڏني وڃي، جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جو ايڪٽ

| | |
|---|---|
| mode of trial | XL) جي دفعہ 21 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.<br>(2)حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي تہ سمورا ڪيس يا ڪي بہ ڏوهہ يا ڏوهن جي قسم تي ڪارروائي ساڳيءَ ريت ڪئي ويندي جيئن 1898 جي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر(1898 جو ايڪٽ V) جي باب XXII ۾ طريقو بيان ڪيو ويو آهي.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |